هفتيوار رسالو:347
WEEKLY BOOKLET:347

تقريبًا ٢٢ سال پهريان جو بيان

# گانن جون
# تباھ ڪاريون

(SINDHI)



- هڪ قوم کي بانڊر(پولو) ۽ سوئر بڻايو ويندو
- گانو دل ۾ منافقت پيدا ڪندو آهي
- گانا ٻڌڻ جا نقصان
- گانا ٻڌڻ جي عادت هجي ته ڪيئن ختم ڪئي وڃي؟

شيخِ طريقت،امير اهلسنت،باني دعوتِ اسلامي،حضرتِ علامه مولانا ابو بلال
محمد الياس عطّار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت


رسالي جو نالو: گانئ جون تباهہ ڪاريون

ڇاپو پهريون: شوال المڪرم 1445 ھ آپريل 2024ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گھٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو تقريبًا 22 سال پهريان جو بيان

# گانن جون تباهه ڪاريون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ،وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ،
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# گانن جون تباهہ ڪاريون[1]

## دعاءِ عطار

ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”گانن جون تباهہ ڪاريون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي ڪري ماءُ پيءُ سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهي جڏهن اهو قيامت جي ڏينهن ايندو تہ ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو سڀني مخلوق ۾ تقسيم ڪيو وڃي تہ سڀني جي لاءِ ڪافي ٿي وڃي. (حلية الاولياء، 48/8، حديث:11341)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي باني امير اهل سنت دامت برڪاتهم العاليہ جي ٽيڙ وارن مختلف آڊيو بيانن کي تحريري صورت ۾ هن نالي ”فيضانِ بياناتِ عطاريہ“ المدينة العلمية (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي شعبي ”بياناتِ امير اهل سنت“ جي طرفان ترميم و اضافي سان پيش ڪيو ويو آهي. اَلحمدُ لِلّٰهِ الڪريم! انهن بيانن مان هاڻي شعبي ”هفتيوار رسالو مطالعو“ هڪ بيان ”گانن جون تباهہ ڪاريون“ کي رسالي جي صورت ۾ منظر عام تي آڻي رهيو آهي.

## گانن ۽ شراب جو وبال

حضرت علامہ عبد الرحمٰن ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب”ذَمُّ الْهَوٰي“ ۾ نقل فرمايو آهي: هڪ شخص جو بيان آهي ته هڪ رات مون خواب ۾ ڏٺو ته منهنجي گهر جي ويجهو جيڪو قبرستان آهي ان جا مردا پنهنجين پنهنجين قبرن مان نڪري آيا آهن ۽ هڪ هنڌ جمع ٿي رهيا آهن ايستائين جو سيئي قبرن وارا هڪ هنڌ جمع ٿي ويا. ان کان بعد انهن گريہ و زاري شروع ڪري ڇڏي ۽ روئي روئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ فرياد ڪرڻ لڳا: اي الله! فلاڻي عورت جيڪا صبح جو مري وئي اها اسان جي قبرستان ۾ دفن نہ ٿئي! اي الله! اسان کي هن بي عمل عورت جي نحوست کان بچاءِ! خواب ڏسڻ وارو چئي ٿو تہ مون انهن جي گريہ و زاري بڌي ڪري هڪ مردي کان پڇيو: تون اهڙي دعا ڇو ڪري رهيو آهين؟ اهو چوڻ لڳو جيڪا عورت اڄ مري وئي آهي اها جهنمي آهي لهذا جيڪڏهن اها اسان جي قبرستان ۾ دفن ڪئي وئي تہ اسان کي ان جو عذاب ڏسڻ جي ڪري تڪليف ٿيندي ان ڪري اسان آھ و زاري ڪري رهيا آهيون ۽ الله پاڪ سان ٻاڏائي ڪري دعائون ڪري رهيا آهيون تہ اها عورت اسان جي قبرستان ۾ دفن نہ ٿئي. خواب ڏسڻ وارو صاحب چئي ٿو تہ اهو ٻڌندي ئي منهنجي اک کلي وئي ۽ منهنجي جستجو وڌي تہ ڏسان تو تہ ڇا ٿو ٿئي؟ سو مان قبرستان وڃي پهتس اتي ڏٺم تہ گورڪن(قبر کوٽيندڙ) هڪ قبر کوٽي چڪا آهن. مون انهن کان پڇيو: توهان اها قبر ڪنهن جي لاءِ بڻائي آهي؟

اهي چوڻ لڳا: هڪ مالدار جي ذيءُ فوت ٿي وئي آهي ان جي لاءِ اسان هي قبر ٺهرائي آهي. مون قبر کوٽيندڙن کي رات وارو خواب ٻڌايو تہ انهن قبر کي بند ڪري ڇڏيو. اڃان ٿوري ئي دير گزري هئي تہ ڪجهہ ماڻهو آيا ۽ قبر کوٽيندڙن کان پڇڻ لڳا: ڇا قبر تيار ٿي وئي آهي؟ قبر کوٽيندڙن جواب ڏنو: هتي قبر نہ ٺهجندي. قبر کوٽيندڙن جو جواب ٻڌي ڪري اهي ماڻهو ٻئي قبرستان هليا ويا سو جيئن تہ اتي بہ خواب واري ڳالهہ پهچي وئي هئي تنهنڪري ٻئي قبرستان جي قبر کوٽيندڙن بہ قبر کوٽڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي اهي ماڻهو ڪنهن ٻئي قبرستان هليا ويا ۽ انهن اتي قبر ٺهرائي. ٻئي قبرستان ۾ قبر کوٽڻ کان بعد جنازي جي آمد جو انتظار ٿيڻ لڳو، ايتري ۾ شور ٿيو تہ جنازو اچي رهيو آهي جيئن تہ مان بہ ان عورت جو جنازو ڪڻڻ وارن سان وڃي مليس، جنازي سان عوام جو تمام گهڻو رش هو، مون جنازي جي پٺيان هڪ خوبصورت نوجوان کي ڏٺو تہ ماڻهن کان ان جي باري ۾ پڇيم تہ هي ڪير آهي؟ مون کي ٻڌايو ويو تہ هي هن ميت جو يعني مرحومہ جو پٽ آهي. ان نوجوان جو پيءُ بہ ساڻس گڏ هو ۽ ماڻهو ٻنهي پيءُ پٽ سان تعزيت ڪري رهيا هئا. خواب ڏسڻ وارو صاحب چوي ٿو تہ جڏهن ان عورت کي دفن ڪيو ويو تہ مان ٻنهي پيءُ پٽ جي ويجهو ويس ۽ کين چيو تہ مون رات جو هڪ خواب ڏٺو آهي، جيڪڏهن اجازت هجي تہ بيان ڪريان؟ ان عورت جي مڙس جواب ڏنو: مون کي خواب ٻڌڻ جي ڪا ضرورت ناهي، ائين چئي ڪري ان مون کي

ٿاري ڇڏيو پر سندس نوجوان پٽ چيو: اوهان مون کي خواب ٻڌايو، مان ان نوجوان کي ماڻهن کان پري ڪري پنهنجو خواب ٻڌايو، پوءِ مون ان نوجوان کي چيو: ڏس، قبر وارن الله پاڪ کان ٻاڏائي دعائون گهريون آهن ته توهان جي ماءُ هنن جي قبرستان ۾ دفن نه ٿئي لهذا مون کي پنهنجي ماءُ جي عملن بابت ٻڌاءِ، اهو چوڻ لڳو: منهنجي ماءُ شراب پيئندي هئي، گانا باجا ٻڌندي هئي ۽ ٻين عورتن تي بهتان هڻندي هئي. مان پنهنجي ماءُ جي باري ۾ بس ايترو ڄاڻان ٿو، جيڪڏهن اوهان وڌيڪ پڇڻ چاهيو ٿا ته اسان جي گهر ۾ هڪ پوڙهي ٻانهي آهي جنهن جي عمر 99 سال آهي، اها منهنجي ماءُ جي خدمت گذار آهي اوهان مون سان گڏ هلي ڪري ان کان پڇي وٺو شايد ان کي منهنجي ماءُ جا وڌيڪ عمل خبر هجن. خواب ڏسندڙ صاحب چوي ٿو ته مان ان نوجوان سان گڏ ان جي گهر پهتس ۽ مون ان پوڙهي کي پنهنجو خواب ٻڌائي ۽ ان مرحومه جي پٽ کان مليل ڄاڻ ٻڌائيندي پڇيو: اوهان وڌيڪ ڪهڙي معلومات ڏئي سگهو ٿيون؟ پوڙهي عورت روئندي مون کي چيو ته: الله پاڪ مرحومه جي مغفرت ڪري اها ويچاري ڏاڍي گنهگار هئي ۽ پوءِ ان پوڙهي مون کي ان فوت ٿيل عورت جا وڌيڪ گناهه ٻڌايا. (ذم الهوىٰ،ص309)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي رقت انگيز واقعو اسان لاءِ پنهنجي اندر گهڻي عبرت رکي ٿو. اسان کي به پنهنجي موت جي طرف توجه رکڻ گهرجي ۽ پنهنجن گناهن جو احتساب ڪرڻ گهرجي. ڏسو! ان عورت جا ٽي گناهه بيان ڪيا ويا جو اها شراب پيئندي هئي، گانا باجا ٻڌندي هئي ۽ بهتان لڳائيندي هئي. بدقسمتيءَ سان مسلمانن ۾

شراب عام ٿي رهيو آهي، مرد توڙي عورتون شراب پيئڻ لڳيون آهن، خاص ڪري امير سوسائٽي سان تعلق رکندڙن ۾، معاذالله شراب پيئڻ ۽ گانن باجن جهڙيون برائيون وڌنديون پيون وڃن. ياد رکو! شراب اُمُّ الْخَبَائِث يعني برائين جي ماءُ آهي.

(صحيح ابن حبان،367/7،حديث:5324 ملخصاً)

چاڪاڻ ته ان جي ذريعي انسان ڪيترن ئي گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي، پڻ ان واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته قبرستان ۾ عام مُردن کي هي غيبي خبر پئي ته ڪا عورت فوت ٿي وئي آهي، ان جي لاش دفنائڻ لاءِ اچڻ واري آهي ۽ ان کي عذاب به ڏنو ويندو ته پوءِ اولياء ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم، انبياء ڪرام عليهم السلام ۽ خاص ڪري ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار، نبين جا سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان ڇو نه غيبن کي ڄاڻڻ وارا هوندا. جڏهن منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ معراج جي رات اکين سان جاڳندي ئي الله پاڪ جو ديدار ڪيو جيڪو غيب الغيب آهي ته پوءِ ٻيون غيب جون شيون پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪيئن ٿيون لڪي سگهن. عاشقن جا امام اعلٰي حضرت، امام اهلسنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت بيان ڪندي بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا　　جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش،ص264)

پيارا اسلامي ڀائرو، ان عورت جو هڪ ڏوهه اهو به هو ته هوءَ گانا ٻڌندي هئي. اڄڪلهه گانا باجا ايترو ته عام ٿي ويا آهن جو جڻ هر گهر ميوزڪ سينٽر بڻجي چڪو آهي، ڪهڙو گهر اهڙو آهي جو

جنهن جي گهر جون ديوارون گيتن سان گونجنديون نه هجن. هاڻ ته انٽرنيٽ به مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿي چڪي آهي جنهن ذريعي سڄي دنيا جون خراب فلمون ڏسي سگهجن ٿيون ۽ حالت اها آهي جو پٽ انٽرنيٽ ذريعي گنديون فلمون ڏسي رهيو هجي ته ماءُ پيءُ کي خبر به ناهي پوندي، ائين انٽرنيٽ تمام گهڻي تباه ڪندڙ آهي. جيتوڻيڪ انٽرنيٽ جا مثبت (يعني سٺا) پهلو به آهن، مثال طور دعوت اسلامي جا سنتن ڀريا بيان انٽرنيٽ ئي جي ذريعي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻڌا ۽ ڏٺا ويندا آهن پر ماڻهن جي وڏي اڪثريت انٽرنيٽ ذريعي گناهه ڪندي آهي.

الحمدللّٰه عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي انٽرنيٽ جي مثبت پهلوئن مان فائدو حاصل ڪري رهي آهي.

## ڳائڻ باجن جون تباهه ڪاريون

ڳائڻ باجن جون تباهه ڪاريون تمام گهڻيون آهن ۽ قرآن ۽ حديث ۾ انهن جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي جيئن ته سيپاري 21 سوره لقمان جي آيت نمبر 6 ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَمِنَ النَّاسِ مَنۡ يَّشۡتَرِىۡ لَهۡوَ الۡحَدِيۡثِ لِيُضِلَّ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ‌ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا‌ ؕ اُولٰٓـئِكَ لَهُمۡ عَذَابٌ مُّهِيۡنٌ ﴿۶﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ڪجهه ماڻهو راند جون ڳالهيون خريد ڪن ٿا ته جيئن بغير سمجهڻ جي الله جي واٽ کان ڀٽڪائن ۽ انهن کي مذاق مسخري بڻائن انهن جي لاءِ خواري جو عذاب آهي.

(سيپارو: 21، لقمان: 6)

هن آيت مبارڪ جي تحت تفسيرصراط الجنان ۾ آهي: هي آيت نَضَر بن حارِث ڪلده جي باري ۾ نازل ٿي جيڪو مڪي شريف جو رهاڪو هو. هڪ ڀيري اهو تجارت جي لاءِ مُلڪِ شام وغيره ويو تہ اتان ڪان ڪهاڻين جا ڪتابَ وٺي آيو. مڪي پاڪ ۾ اچي ڪري اهو ماڻهن کي قصا ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳو ۽ اهو بدبخت چوندو رهندو هو: محمد (صَلَّی اللهُ عَلَیهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) بہ توهان کي (قومِ) عَاد ۽ (قومِ) ثمود جا واقعا ٻڌائيندا آهن تہ مان توهان کي رُستم، اِسفِنديار (ايران جي بادشاهن) وغيره جا قصا ٻڌايان ٿو. ڪجهہ ماڻهو انهن قصن ۾ مشغول ٿي ويا ۽ قرآن شريف ٻڌڻ کان رهجي ويا پوءِ ان تي هيءَ آيت نازل ٿي ۽ ارشاد فرمايو ويو تہ: ڪجهہ ماڻهو راند جون ڳالهيون خريد ڪن ٿا تہ جيئن جهالت جي طور ماڻهن کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ ۽ قرآن شريف ٻڌڻ کان روڪين ۽ الله پاڪ جي آيتن جو مذاق اڏائين، اهڙن ماڻهن لاءِ خواريءَ جو عذاب آهي. لهو، يعني راند، هر ان باطل کي چئبو آهي جيڪا انسان کي نيڪي کان ۽ ڪم جي ڳالهين کان غفلت ۾ وجهي. هن ۾ بي مقصد ۽ بي بنياد ۽ ڪوڙا قصا، آکاڻيون، جادو، ناجائز لطيفہ ۽ گانا ڳائڻ وڄائڻ وغيره سڀ شامل آهن، هن قسم جا آلاتِ لهو و لعب(يعني اهو سامان جنهن سان اهو ڪم ڪري سگهجي)انهن کي وڪڻڻ منع آهي ۽ خريدڻ بہ ناجائز چو تہ هي آيت انهن خريدارن جي برائي بيان ڪرڻ لاءِ نازل ٿي آهي.

اهڙي طرح ناجائز ناول، گندا رسالا، سئنيما جون ٽڪيٽون، تماشي وغيره جا اسباب سيني جي خريد و فروخت منع آهي چاڪاڻ تہ اهي سڀ ”لَهْوَالْحَدِيْث“ يا انهن جا ذريعا آهن. هن آيت ۾ ”لَهْوَالْحَدِيْث“ جي باري ۾ ممتاز مفسرن جو هڪ قول هي آهي تہ ان مان مراد گانا

وڄائڻ آهي ۽ هن آيت ڪي عالمن سڳورن گانا وڄائڻ جي حرام هئڻ جي دليل جي طور تي بيان ڪيو آهي. (تفسير صراط الجنان، 7/474 ملتقطاً)

## مون کي موسيقيءَ جا آلات (اوزان) ۽ سازن کي مِٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اللّٰه پاڪ مون کي سڄي جهانن وارن لاءِ رحمت ۽ هدايت بڻائي ڪري موڪليو آهي، مون کي وات ۽ هٿن سان وڄايا ويندڙ موسيقي اوزار ۽ سازن کي مِٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ انهن بتن کي مِٽائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جن جي جاهليت جي دور ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي. منهنجي رب پنهنجي عزت جو قسم کڻي فرمايو: منهنجي ٻانهن مان جنهن شراب جو هڪ ڍڪ به پيتو ان کي ان جي بدلي جهنم جو ٿهڪندڙ پاڻي پياريندس، چاهي ان کي عذاب ڏئي يا بخشيو وڃي ۽ جيڪو شخص ڪنهن ٻار کي شراب جو ڍڪ پيئاريندو، ان پيئارڻ واري کي به ٿهڪندڙ پاڻي پيئاريندس ۽ ڳائڻ وارين عورتن جي خريد و فروخت ۽ ڳائڻ جي تعليم و تجارت ۽ انهن جي قيمت حرام آهي.(مسنداامام احمد،8/286،حديث:22281)

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو اسان جنهن پياري پياري محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جي دعويٰ ڪيون ٿا ان کي سندن پياري اللّٰه پاڪ موسيقيءَ جا اوزار يعني دهل، طبلو، سارنگين ۽ بانسرين وغيره کي مِٽائڻ جو حڪم ڏنو آهي، جڏهن ته اڄ ڪيترائي مسلمان مرد ۽ عورتون انهن منحوس اوزان کي پسنديده شيءِ بڻائي وينا آهن. افسوس منهنجا پيارا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موسيقيءَ جي سازن کي مِٽائڻ

چاھن ٿا پر سندس نالو ونڻ وارن گلي گلي ميوزڪ سينٽر کولي رکيا آھن. نہ نہ بلڪ اڄ تہ مسلمانن جا اڪثر گھر ميوزڪ سينٽر بڻيل آھن. پڻ ھن حديث پاڪ ۾ شرابين جي لاءِ بہ عبرت جو درس آھي جو انھن کي جھنم جو ٺھڪندڙ پاڻي پيئاريو ويندو جيڪو ايتري قدر خطرناڪ ھوندو جو جيئن پيالو انھن جي واتن جي ويجھو ايندو ان جي تپش جي سبب وات جي کل سڙي ڪري پيالي ۾ ڪِري پوندي ۽ پوءِ وري جڏھن اھو پاڻي پيٽ ۾ پھچندو تہ تباھي مچائي ڇڏيندو ايساتئين جو آندن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري انھن کي پنيان واري جاءِ کان وھائي ڇڏيندو. (ترمذی،262/4، حدیث:2592 ملخصاً)

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## منھنجي امت جي ھڪ قوم کي باندرءِ سوئر بڻايو ويندو

مديني جي تاجدارصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ عبرت بنياد آھي: آخري زماني ۾ منھنجي امت جي ھڪ قوم جون شڪليون مٽائي انھن کي باندر ۽ خنزير (يعني سوئر) بڻايو ويندو. صحابہءِ ڪرامعَلَيْهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: **يا رسول الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توڙي جو اھي شاھدي ڏيندا ھجن تہ توھان الله پاڪ جا رسول آھيو ۽ الله پاڪ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناھي. فرمايائون: ھا توڙي نماز پڙھندا ھجن، روزا رکندا ھجن، حج ڪندا ھجن. عرض ڪيو ويو: انھن جو ڏوھ ڪھڙو ھوندو؟ فرمايائون: اھي عورتن جو گانو ٻڌندا ۽ باجا وڄائيندا ۽ شراب پيئندا انھيءَ لَھو و لَعِب (يعني راند روند) ۾ وقت گذاريندا ۽ صبح جو باندر ۽ خنزير بڻايا ويندا. (عمدۃالقاری، 593/14)

اھڙي طرح ھڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آھي تہ: منھنجي امت ۾ زمين

۾ دٻايو وڃڻ، پٿر وسڻ ۽ صورتن جي بگاڙيو وڃڻ جا واقعا ٿيندا. مسلمانن مان هڪ شخص عرض ڪيو: اهو ڪڏهن ٿيندو؟ ارشاد فرمايو: جڏهن ڳائڻ واريون عورتون ۽ ڳائڻ جا اوزار ظاهر ٿيندا ۽ شراب پيتو ويندو. (ترمذی،90/4،حديث :2219)

## ڳانو دل ۾ منافقت پيدا ڪندو آهي

پياري آقا صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جو فرمانِ عبرت نشان آهي: اَلْغِنَاءُ یُنْبِتُ النِّفَاقَ فِی الْقَلْبِ كَمَا یُنْبِتُ الْمَاءُ الزَّرْعَ يعني ڳانو دل ۾ منافقت پيدا ڪندو آهي جيئن پاڻي فصل پيدا ڪندو آهي. (شعب الايمان، 279/4،حديث:5100)

## قيامت جي ڏينهن ڪنن ۾ پگهاريل سيهو وڌو ويندو

سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: مَنْ قَعَدَ اِلٰی قَيْنَةٍ يَسْتَمِعُ مِنْهَا صَبَّ اللهُ فِيْ اُذُنَيْهِ الْآنُكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني جيڪو شخص ڳانو ٻڌڻ جي لاءِ ڪنهن ڳائڻ واري جي ويجهو وينو، ان جي ڪنن ۾ قيامت جي ڏينهن پگهاريل سيهو وڌو ويندو.
(ابن عساکر،263/51)

## ڳانو ٻڌڻ ڪيئن؟

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان رحمة الله عليه فرمائن ٿا: مزامير(يعني موسيقي اوزار) سان ڳائڻ ۽ ان جو ٻڌڻ ٻئي حرام آهن. (فتاوٰی رضويه،107/8) اهڙي طرح ڳانو وڄائڻ بلڪ ڳاني جي آواز رغبت سان ٻڌڻ دلي نفاق اهڙي طرح پيدا ڪندو آهي جيئن پاڻي جي وهڪ ڳاهه ڪي.(مرأة المناجيح، 428/5)

## گانا ٻڌڻ جا نقصان

(1) گانا ٻڌڻ الله ۽ رسول کي ناراض ڪرڻ وارو عمل آهي. (2) گانا ٻڌڻ سان روح ڪمزور ٿيندي آهي (3) گانا ٻڌڻ سان دل اونداهہ ٿيندي آهي. (4) گانا ٻڌڻ ڪامل مسلمان ٿيڻ ۾ رڪاوٽ آهي. (5) گانا ٻڌڻ سان بري شهوت ۽ برا خيال دل ۾ پيدا ٿيندا آهن. (6) گانا ٻڌڻ سان انسان جو ذهن ڀٽڪندو آهي ۽ اهو غلط رستن تي هلڻ لڳندو آهي. (7) گانا ٻڌڻ سان انسان مجازي عشق جو شڪار ٿيندو ۽ آخرڪار ناڪارا ٿي ويندو آهي. (8) گانا ٻڌڻ سان ڊپريشن ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ انسان نااميد ٿي ويندو آهي. (9) گانا ٻڌڻ سان انسان جي طبيعت ۾ جذباتي ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن خودڪشيءَ جو سبب بڻجي ويندي آهي. (10) گانا ٻڌڻ واري جي ڪن جا پردا بہ متاثر ٿيندا آهن جڏهن تہ قيامت جي ڏهاڙي ان جي ڪنن ۾ پگهاريل سيهو بہ وڌو ويندو. (11) اڄڪلهہ جي گانن ۾ اهڙا ڪفريا ڪلمات بہ هوندا آهن، جن جي چوڻ سان انسان اسلام جي دائري مان نڪري ويندو آهي ۽ اهو تہ سڀ کان وڏو نقصان آهي.

### افسوس!اڄ اسان جي معاشري ۾ موسيقي رائج ٿي چڪي آهي

آهہ! اڄ اسان جي معاشري ۾ موسيقيءَ جو رواج پئجي ويو آهي ۽ هر شيءِ ۾ موسيقيءَ جون ڌنون ٻڌيون پيون وڃن، اوهان جتي بہ ڏسو، بس، ويگن، هوائي جهاز ۽ ايئرپورٽ وغيره، هر هنڌ توهان کي موسيقيءَ جي ڌن نظر ايندي، ايسٽائين جو توهان ريڊيو يا ٽيليويزن تي قرآن پاڪ جي تلاوت ٻڌڻ چاهيو تہ تلاوت جي وقت کان اڳ موسيقي جي ڌُن وڄائي ويندي آهي. اهڙي طرح موبائيل فون ۾ بہ موسيقي جي ٽيون هوندي آهي ۽ هي ايترو عام ٿي وئي

آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ظاهري طور تي مذهبي نظر ايندڙ ماڻهو بہ پنهنجي موبائيل فون ۾ ميوزيڪل ٽيون لڳائيندا آهن، ياد رکو! جيڪا سادي گهنٽي وڄندي آهي اها موسيقي ناهي هوندي.

## موسيقي کان بچڻ جو طريقو

اهڙي صورتحال ۾ موسيقي کان بچڻ جو طريقو اهو آهي تہ انسان جتي جتي موسيقي کي ڏسي ان کي ختم ڪندو وڃي، مثال طور، جيڪڏهن اها پنهنجي واچ ۾ ملي تہ واچ جي ٽيون تبديل ڪريو، جيڪڏهن توهان کي ڪار يا موبائيل فون ۾ ملي تہ ان کي تبديل ڪريو. جيڪڏهن بدلڻ ممڪن نہ هجي تہ ٽيون ئي بند ڪري ڇڏيو سو اهڙي طرح جتي جتي ممڪن هجي بچڻ جي ڪوشش ڪري. ياد رکو! موسيقيءَ وارا گانا ٻڌڻ گناهہ آهي بلڪ جيڪڏهن ڪٿان ڪان ان جو آواز اچي رهيو هجي تہ اتان ڪان پري ٿي وڃڻ ۽ نہ ٻڌڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ ضروري آهي. جيئن حضرت علامہ شامي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: رقص واري حالت جيان نچڻ، مذاق اڏائڻ، تاڙيون وڄائڻ، سِتار جي تار وڄائڻ، بَربَط، سارنگي، رباب، بانسري، قانون، جهانجهر، بگل وڄائڻ، مڪروهِ تحريمي(يعني قريب بہ حرام) آهي. ڇاڪاڻ تہ اهي سڀ ڪافرن جا شعار آهن، پڻ بانسري ۽ ٻين سازن جو ٻڌڻ بہ حرام آهي، جيڪڏهن اوچتو ٻڌي ورتو تہ معذور آهي ۽ ان تي واجب آهي تہ نہ ٻڌڻ جي پوري ڪوشش ڪري. (ردالمحتار، 9 /651)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن ئي موسيقي جي آواز اچي تہ ممڪن صورت ۾ هڪدم ڪنن ۾ آڱريون وجهي اتان هٽڻ گهرجي. جيڪڏهن آڱريون تہ ڪنن ۾ وجهي ڇڏيون پر اتي ويهي يا ويهي

رهيؤ يا ٿورو هٽي ويؤ تہ موسيقي جي آواز کان بچي نہ سگھندؤ. آڳريون ڪنن ۾ ڪٽي نہ بہ وجهو پر ڪنهن بہ نموني سان موسيقي جي آواز کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ لازم آهي.

افسوس هاڻي تہ گاڏين، جهازن، گھرن دڪانن، هوٽلن، چوڪن، گھٽين ۽ بازارن ۾ جيڏانهن بہ وڃو موسيقي جون ڌنون ٻُڌڻ ۾ اينديون آهن. گانا وڄڻ جي صورت ۾ هوٽل ۾ ڪاڌي پيتي جي ڪڏهن بہ ترڪيب نہ ڪرڻ گھرجي.

## سمجهايو!چوتہ سمجهائڻ مسلمانن کي فائدو ڏيندو آهي

ياد رکو! بس ڊرائيور سمجهايو وڃڻ تي گانا وڄائڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن، ان ڪري ڊرائيورن کي پيار سان سمجهايو گانن باجن جي جاءِ تي سنتن ڀريا بيان وڄائڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ انهن جو اهو ذهن بڻايو تہ جيڪڏهن توهان گانن باجن جي جاءِ تي سنتن ڀريو بيان هلائيندا تہ ان شآءَاللّٰه گاڏيءَ ۾ جيترا مسلمان بہ ٻڌندا ان جو ثواب توهان کي بہ ملندو تہ هن طرح سمجهائڻ سان ان شآءَاللّٰه فائدو ٿيندو ڏسو! اسان کي قرآن پاڪ ۾ بہ سمجهائڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي جيئن سيپارو 27، سورة ذٰريٰت، آيت: 55 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَّ ذَكِّرْ فَاِنَّ الذِّكْرٰى تَنْفَعُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۵۵﴾

(سيپارو: 27، سورة ذاريات، آيت 55)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ سمجهائيندا رهو چوتہ سمجهائڻ ايمان وارن کي فائدو ڏيندو آهي.

اهڙي طرح جنهن جي گهر ۾ ڳالهہ مڃي ويندي هجي اهو پنهنجي گهر وارن جو اهو ذهن بڻائي تہ ڏسو! گيت گانا ٻڌڻ سان انسان کي عارضي راحت ملندي آهي پر چو تہ ان ۾ گناهہ آهي تنهنڪري مان هن راحت کان پناهہ گهران ٿو جو ڪٿي هي عارضي راحت مون کي ۽ توهان سڀني کي دوزخ جي اونهائي ۾ نہ غرق ڪري ڇڏي تنهنڪري گانا باجا ختم ڪرڻ ئي ۾ عافيت آهي. جيڪڏهن ڪو پاڻ نٿو سمجهائي سگهي تہ پوءِ دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان سنتن سان ڀريل بہ بيان ”گانن باجن جون هولناڪيون“ ۽ ”ٽي وي جون تباهہ ڪاريون“ ڊائون لوڊ ڪري پنهنجي گهر وارن کي ٻڌائي يا www. ilyasqadri.com جي ذريعي شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مدني مذڪرا ڏيکاريو ۽ جيڪڏهن اهو ممڪن نہ هجي تہ پوءِ انهن ٻنهي بيانن کي رسالي جي صورت ۾ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري گهر جي ماڻهن کي پڙهي ٻڌايو ان شآءَالله گهر ۾ ديني ماحول بڻجندو.

ياد رکو! فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. افسوس! هاڻي تہ فلمي گيت لکڻ ۽ ڳائڻ وارا ايترا تہ بي لگام ٿي ويا آهن جو انهن ربّ ڪائنات تي بہ اعتراض ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. پنهنجي دڪانن ۽ هوٽلن ۾ گانا وڄائڻ وارن، پنهنجي بسن ۽ ڪارن ۾ فلمي گيت هلائڻ وارن، شادين ۾ ريڪارڊنگ هلائي ڪري بسترن تي پيل پاڙيسري مريضن ۽ نيڪ پاڙيوارن جون آهون ڪٽڻ وارن ۽ بغير سوچڻ ۽ سمجهڻ جي گانا جهونگارڻ وارن جي لاءِ فڪر جو مقام آهي. ٿورو سوچيو تہ سهي! فلمي گانن ۾ شيطان ڪهڙو زهر ملائي ڇڏيو آهي! ۽ ماڻهن کي

هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنّمي بڻائڻ جي لاءِ ڪيتري قدر مڪر ۽ فريب سان ساز ۽ آواز جي جادوءَ جو ڄار وڇائي ڇڏيو آهي.
(گانے باجے کے 35کفریہ اشعار،ص11-12)

## ايمان برباد ٿي ويو

پياراپيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! قطعي ڪفر تي مشتمل هڪ بہ شعر جنهن دلچسپيءَ سان پڙهيو، ٻُڌو يا ڳائيو اهو ڪفر ۾ وڃي پيو ۽ اسلام مان خارج ٿي ڪافر ۽ مُرتد ٿي ويو، ان جا سيئي نيڪ اعمال برباد ٿي ويا يعني ادا ڪيل سڀ نمازون، روزا، حج وغيره سيئي نيڪيون ضايع ٿي ويون. شادي شده هيو تہ نڪاح بہ ٽُٽي ويو، جيڪڏهن ڪنهن جو مُريد هيو تہ بيعت بہ ختم ٿي وئي. ان تي فرض آهي تہ ان شعر ۾ جيڪو ڪفر آهي ان کان هڪدم توبهہ ڪري ۽ ڪلمو پڙهي نئين سري سان مسلمان ٿئي. مريد ٿيڻ چاهي تہ هاڻي نئين سري سان ڪنهن جامع شرطن واري مرشد جو مُريد ٿئي جيڪڏهن ساڳي گهرواريءَ کي رکڻ چاهي تہ ٻيهر نئين مهر سان ان سان نڪاح ڪري. جنهن کي اهو شڪ هجي تہ واقعي مون اهڙو شعر دلچسپيءَ سان ڳايو، ٻُڌو يا پڙهيو هوندو يا مون کي فلمي ڳانڻ ٻُڌڻ ۽ جهونگارڻ جي عادت آهي تہ اهڙو شخص بہ احتياط جي طور تي توبهہ ڪري نئين سري سان مسلمان ٿي وڃي، ۽ پڻ تجديدِ بيعت ۽ تجديدِ نڪاح ڪري وٺي چوتہ انهيءَ ۾ ڀنهي جهانن جون ڀلايون آهن. (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب، ص524)

(ڪفريا ڳانڻ ٻاجن ۽ انهن کان توبہ جي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ جي رسالي”ڳانڻ جا 35 ڪفريا اشعار“ جو مطالعو ڪيو)

## خبرناهي اسان جو خاتمو ڪيئن ٿئي!

هڪ ڏگهي حديث شريف ۾ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اولادِ آدم مختلف طبقات تي پيدا ڪئي وئي، انهن مان ۞ بعض مومن پيدا ٿيا ايمان جي حالت تي زنده رهيا ۽ مومن ئي مرندا، ۞ بعض ڪافر پيدا ٿيا ڪفر تي زنده رهيا ۽ ڪافِر ئي مرندا، ۞ بعض مومِن پيدا ٿيا مومِناڻي زندگي گذاري ۽ ڪفرجي حالت تي مُئا، ۽ ۞ بعض ڪافِر پيدا ٿيا، ڪافر زنده رهيا ۽ مومِن ٿئي مرندا. (ترمذی،کتاب الفتن،باب ما اخبر النبی الخ،۴/ ۸۱،حدیث: ۲۱۹۸)

## قابِل رشڪ اهوئي آهي جيڪو قبر جي اندر مومن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا اندر حياتي ۾ مومن هجڻ يقيناً باعث سعادت آهي پر هي سعادت حقيقت ۾ انهيءَ صورت ۾ سعادت آهي جو دنيا کان رخصت ٿيندي وقت به ايمان سلامت رهي. خدا جو قسم! قابِل رشڪ اهوئي آهي جيڪو قبر جي اندر به مؤمن آهي. جي ها! جيڪو دنيا مان ايمان سلامت ڪڍي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو اهو ئي حقيقي معنيٰ ۾ ڪامياب ۽ جيڪو جنت ماڻي اهو ئي بامراد آهي، جيئن تہ سيپاري 4 سورت آلِ عمران جي آيت نمبر 185 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

فَمَنْ زُحْزِحَ عَنِ النَّارِ وَ اُدْخِلَ الْجَنَّةَ فَقَدْ فَازَ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جنهن کي باهہ کان بچايو ويو تہ اُهو ڪامياب ٿي ويو ۽ دنيا جي زندگي تہ صرف دوکي جو سامان آهي.

ميرا نازک بدن جہنّم سے از طفیلِ رضا بچا یارب
کردے جنّت میں تو جوار ان کا اپنے عطار کو عطا یارب
(وسائل بخشش،ص80، 81)


اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ اهي دعوت اسلامي جي مدني قافلن جا مسافر بڻجن ۽ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪن. اهڙي طرح اسلامي ڀينرون پاڻ بہ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪن ۽ پنهنجي گهر جي ٻين اسلامي ڀينرن مثلاً والده صاحبہ ۽ ڀاڄائي وغيره کي بہ شرڪت جي ترغيب ڏيارين اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! گانن ٻاجن کان گڏوگڏ ٻين گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو ۽ تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون.

## گانا ٻڌڻ جي عادت هجي تہ ڪيئن ختم ڪجي؟

(1) تمام سوشل سائٽس يعني فيس بڪ، واٽس ايپ، يا ٽويٽر جي اڪاؤنٽس ۽ ميموري ڪارڊن، ڪمپيوٽر سسٽم وغيره تان گانن ۽ ميوزڪ جي ڊيٽا ختم ڪري ڇڏيو. (2) گانن جي بجائي تلاوت، نعت ۽ سنتن ڀريا بيان ٻڌڻ جي ترڪيب بڻايو، ان ۾ دين ۽ دنيا ٻنهي جو فائدو آهي. (3) جيترو ٿي سگهي الله پاڪ جو ذڪر ڪيو، ذڪر ۽ نعت جي اجتماعن ۾ شرڪت ڪيو، دل جي مِير ڀري ٿيندي ۽ روحانيت نصيب ٿيندي.(4) روزانو گهٽ مان گهٽ 313 ڀيرا درود پڙهڻ جو معمول بڻائي ڇڏيو، گناهن کان بچڻ جي طاقت نصيب ٿيندي. (5) گانن ٻڌڻ جو شوق رکڻ وارن يارن دوستن جي سنگت کان فورً الڳ ٿي وڃو ۽ ذڪر ۽ نعت جو شوق رکڻ وارن عاشقانِ رسول جي صحبت اختيار ڪيو. (6) هي ذهن بڻايو تہ اڄ جيڪڏهن

ڪن ۾ معمولي بہ سُور پئجي وڃي تہ جيئڻ حرام ٿي ويندو آهي تہ الله نہ ڪري جيڪڏھن گانن ٻڌڻ جي ڪري ڪالھ قيامت منهنجي ڪنن ۾ سيهو وڌو ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو؟ (7) گانن ٻڌڻ جا جسماني نقصان بہ سامهون رکو تہ گانا ٻڌڻ حقيقت ۾ پنهنجي صحت ڪان دشمني آهي (8) پنهنجي ايمان جي فڪر ڪيو الله نہ ڪري ڪٿي گانا ٻڌڻ سان ايمان برباد ٿي ويو تہ دين ۽ دنيا جي ذلّت ۽ رسوائي اسان جو مقدر بڻجي ويندي.

## ايندڙ هفتي جو رسالو




978-969-722-628-3
01082475

فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 / 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net